ڊاڪٽر فهميده حسين

# ريٽا شاهاڻيءَ جي نقاد واري اک


**Abstract:**

Rita Shahani's - The Critic

*Renowned Indian Sindhi author and critic Rita Shahani has passed away, which is a great loss of Sindhi Language and Literature, felt equally on both sides of the border.*

*She was one of those female writers, who wrote extensively in different genres, having to her credit more than thirty five books. But at the same time due to non availability of her books here in Pakistan, she is less known as compared to Sundri Utamchandani, Popati Hiranandani or Kala Parkash.*

*Rita Shahani was basically a prose writer and most of her articles have a touch of analytical criticism of selected persons and their writings.*

*In this article I have chosen to write on Rita Shahani as a literary critic. Although she belonged to the generation of writers who had spent their childhood here in Sindh, yet her language shows strong influence of Hindi and Sanskrit. While reading her books, one needs a dictionary to understand certain expressions. However as a critic she shows a great talent in several articles, scattered in her anthologies.*

*Her book "Akash Ganga", published in 2012, is a collection of articles on the literary contribution of Prof. Mangharam Malkani, Popati Hiranandani, Gobind Malhi, Waliram Walabh, Hari Dilgir, Dr. Parso Gidwani, Dr. Motilal Jotwani, Dr. Narain Bharati, Laal Pushp, Hiro Shevkani from India and Shaikh Ayaz, Mehtab Mehboob, Atya Dawood, Murad Ali Mirza, Hamid Sindhi and Qazi Khadim from this side of the border. Her critical study of poets is quite impressive and shows her thorough knowledge of literary traditions of Sindh and Hind.*

*Another book of Rita Shahani "Jeevan ain Sahat" (Literature and Life), has also been critically analysed in this study. Among other critiques, she has thoroughly wrote on 'Shah Latif's Feminist ideas. "Sindhi Short Stories in the 20th Century" and "Shaikh Ayaz's memoires".*

*Rita Shahani's book "Lap Bhar Mehran (A handful of Mehran (river)) is a proper critical book in the true sense of the word- The most impressive critique of hers is on the novel "Hama Oost" of Agha Salem. She praises Agha's style and art of writing, his thought and its delivery through his beautiful diction. But at places she has also criticized some of his factual errors related to the Hindu rituals.*






*Rita was a versatile writer and she will be remembered in the literary circles of India and Pakistan for a long time.*

**سنڌي** ٻوليءَ جي برک ليکڪا ريٽا شهاڻي لاڏاڻو ڪري وئي آهي. سندس لاڏاڻي سان جتي هند جي سنڌي ادبي دنيا جو نقصان ٿيو آهي، اتي سنڌ ۾ به ان کي محسوس ڪيو ويو آهي ڇو جو سنڌيءَ ۾ لکندڙ خواتين مان تمام گهٽ ليکڪائون اهڙيون آهن جن هڪ يا ٻن کان وڌيڪ صنفن ۾ لکيو هجي، ۽ ايتري تعداد ۾ سندن ڪتاب ڇپيا هجن. ريٽا شهاڻي هڪ گهڻ رُخي ۽ گهڻو پڙهيل ليکڪا هئي، ۽ سندس ڀاڳ ڀلا هئا جو ايترا ڪتاب ڇپائي سگهي. ڀارت ۾ اديبن کي ڪتابن جي ڇپائيءَ لاءِ توڙي ڇپجڻ کان پوءِ، انهن جي خريداريءَ جي ڏس ۾ سرڪار طرفان سهڪار حاصل هئڻ سبب ۽ اتي پڙهندڙن جي کوٽ باوجود ڪيترائي ڪتاب ڇپجن ٿا. ريٽا شهاڻيءَ جا لڳ ڀڳ 35 ڪتاب ڇپيل آهن، جن ۾ ناول، شاعريءَ جا مجموعا، مضمونن جا ڪتاب، جيوٽيون/ريکا، چتر/جيون چتر يا سوانحي خاڪن جا ڪتاب ۽ سفرناما وغيره شامل آهن. سنڌ ۾ اسين چاهيندي به پاڻ ايترا ڪتاب ڇپائي نٿا سگهون، ۽ ڳالهه رڳو ڪتابن ڇپائڻ جي به ناهي، انهن کي جوڳي مڃتا ملڻ جي به آهي. مون جڏهن ريٽا جي ڪتابن جي تعداد جي ڀيٽ هند جي ٻئي ٻين ليکڪائن سان ڪئي ته محسوس ڪيم ته ان جيترا يا پاڻ ان کان گهٽ تعداد ۾ ڪتاب هئڻ باوجود پوپٽي هيراننداڻي، سندري اتم چنداڻي، ڪلا پرڪاش يا موجوده ٿيءَ مان ومي سدارنگاڻيءَ کي سنڌ ۾ وڌيڪ پڙهيو ۽ ڄاتو سڃاتو ٿو وڃي. سندن ڪتاب هتي به وڌيڪ ڇاپيا ٿا وڃن. ان جو هڪ ڪارڻ ته اهو آهي ته ريٽا شهاڻي دير سان لکڻ شروع ڪيو، ٻيو ته ان کي گذريل ڪجهه سالن کان سنڌ ۾ سڃاڻپ ملي آهي. خاص ڪري جڏهن کان هوءَ هتان جو سير ڪري وئي ۽ ان بابت لکيائين. تڏهن کان سنڌ وارا ڌانهس متوجهه ٿيا آهن. البت ادبي دوستن جو وڏو حلقو اڳئي سندس لکڻين ۽ شخصيت کان واقف هو.

ٻيو ڪارڻ جيڪو مون کي سمجهه ۾ اچي ٿو سو آهي سندس ٻولي. پوپٽي، سندري، ڪلا توڙي وميءَ جي ٻولي نج سنڌي آهي جنهن ۾ اتي ۾ لوڻ برابر، سو به سپاويڪ نموني آيل هندي/سنسڪرت لفظ ملندا. جڏهن ته مون محسوس ڪيو آهي ته ريٽا شهاڻيءَ جي ڪتابن ۾ هندي - سنسڪرت لفظ تمام گهڻا ڪتب آيل آهن، جيڪي سنڌ جي پڙهندڙ جي پڙهڻ واري روانيءَ ۾ رنڊڪ وجهن ٿا، ان ڪري هو دلچسپي وڃائي ٿو ويهي. ممڪن آهي ته هوءَ جنهن ماحول ۾ رهي، ان ۾ هندي ۽ سنسڪرت جو



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

واهپو وڏيڪ رهيو هجي، ان ڪري سندس ٻوليءَ تي ان جو اثر ٿيو هجي. اهڙي صورتحال ۾ هڪ اديب طور پنهنجي سماج ۽ ماحول ۾ ته هوءَ ميڄتا ماڻي ٿي، پر سنڌ ۾ ان سان مونجهارو پيدا ٿيو پوي. هتي ڇپجڻ مهل انهن لفظن جو مطلب ڏنگين ۾ ڏيڻ ضروري ٿيو پوي، پر اهو طريقو بہ پڙهندڙ جي ذهن کي يڪٽائي ٿو وجهي. سندس ٻوليءَ جو ٿورو ساءُ توهان بہ وٺو. لکي ٿي:

”ساهت جي انواد کي وڏو مَهتوِ آهي. انواد هڪ ڀاشا کان ٻي ڀاشا جي پل آهي.“

”مون کي انتر راشٽريہ ڪلا ۽ سانسڪرت پريشد پاران منهنجي هندي ناول تي گديہ سرجن پرسڪار جي گهوشنا ڪئي وئي.“

”شري رام ڄيٺملاڻي پنهنجو يوگيہ يوگدان ڏئي رهيا آهن.“

بهرحال اسين سندس پرک ٻوليءَ جي ان پهلوءَ کان پاسو ڪندي خاص طور متن جي حوالي سان ڪنداسين.

هن سيمينار ۾ مون کي چيو ويو آهي تہ آءٌ ريٽا شهاڻيءَ جي تنقيدي ڪتابن تي پنهنجي راءِ جو اظهار ڪريان. ان ڏس ۾ مون کي سندس ڇئن ڪتابن جو ڏس مليو، جن مان ٽي ڪتاب تنقيدي ڪونہ آهن بلڪ انهن کي شخصي (subjective) مضمونن جي صنف جا ڪتاب چوڻ وڌيڪ بهتر ٿيندو. ها البت انهن مضمونن ۾ ڪي ادبي موضوعن تي لکيل آهن، جن ۾ ڪي تنقيدي اشارا بہ آهن يا انهن ۾ تنقيدي تبصرا ملن ٿا.

هتي آءٌ انهن جو مختصر ذڪر ڪندس، جن مان پهريون ڪتاب آهي 2012ع ۾ ڇپيل ڪتاب ’آڪاش گنگا‘ جيڪو ادبي مضمونن جو ڪتاب آهي، جنهن ۾ گهڻي قدر مختلف ليکڪن جي جيوٽين يا سوانحي ڳالهين جو احوال آهي يا سندن ادبي خدمتن جو، جن ۾ پروفيسر منگهارام ملڪاڻي، شيخ اياز، پوپٽي هيراننداڻي، گوبند مالهي، وليرام ولڀ، هري دلگير، ڊاڪٽر پرسو گدواڻي، ڊاڪٽر موتي لال جوتواڻي، ڊاڪٽر نارائڻ ڀارتي، لعل پشپ، هيرو شيوڪاڻي، آسي زميني، ماهتاب محبوب، عطيہ دائود، لڇمڻ ڪومل، مراد علي مرزا، قاضي خادم، حميد سنڌي، ومي سدا رنگاڻي، ڪلا پرڪاش وغيره. هن ڪتاب ۾ سندس هڪ اڳوڻي ڪتاب ’جيون ۽ ساهت‘ جا ڪي مضمون بہ شامل ڪيا ويا آهن. انهن ۾ بہ گهڻو ڪري تبصرا آهن، سواءِ چند خاص مضمونن جي جن ۾ تنقيد آهي (جنهن کي هن جي ڪتابن ۾ نڪتہ چيني سڏيو ويو آهي) مثال طور:





- ’شيخ اياز جي شاعريءَ ۾ موضوعن ۽ صنفن جي گوناگونيت‘
- ’لعل پشپ جي رچنائن ۾ منو وگيان‘.
- ’ارجن حاسد جي غزل ۾ جذبو ۽ خيال‘،
- ’پروفيسر هيرو شيوڪاڻي، نقاد جي روپ ۾‘
- ’آتشي آتم ڪٿا-وهي ڪاتي جا پنا‘
- ’گذريل 50 سالن ۾ ڀارت جي سنڌي ناول ۾ پيش ڪيل واقعاتي اڏاوت يا ٽيڪنيڪ‘ وغيره.

اهي ڪنهن حد تائين تنقيدي مضمون چئي سگهجن ٿا. اهو تقريباً 400 صفحن جو ڪتاب آهي، سو مون ان ڪتاب کي ڪنهن ٻئي موقعي لاءِ رکندي، باقي ٻن ننڍن ڪتابن تي تبصرو ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي.

سندس ٻيو ڪتاب هٿ ۾ ڪنيم، نالو اٿس ’جيون ۽ ساهت‘ — اهو موضوع يقيناً توهان سڀني جو ڄاتل سڃاتل آهي، پر ڪجهہ ترتيب مٽيل اٿس. جيون ۽ ساهت يا زندگي ۽ ادب وارو اصطلاح سنڌ ۾ ’ادب ۽ زندگي‘ واري ترتيب ۾ ڏسبو آهي. بظاهر اها معمولي رواجي ڳالهہ آهي، پر مون کي ان ۾ وڏو فلسفو ٿو نظر اچي ۽ ريٽا شهاڻيءَ کي بہ لفظن جي اهڙي ترتيب سوچڻ تي مجبور ڪيو آهي. هوءَ پنهنجي ڪتاب جي منڍ ۾ ئي اهڙو اظهار ڪري ٿي: ”جيون ۾ ساهت آهي يا ساهت ۾ جيون (زندگيءَ ۾ ادب آهي يا ادب ۾ زندگي)، انهن ٻنهي مان ڪنهن جو دائرو وڌيڪ وسيع آهي. مون وري وري پاڻ کان اهو سوال پڇيو آهي.“

ادب جو زندگيءَ سان ڪهڙو تعلق آهي؟ اها سوچ ۽ اهو فڪر اسان کي ڪيترن ئي مغربي نقادن وٽ ملي ٿو: ڪن ادب کي زندگيءَ جو عڪاس چيو آهي، ڪن ان کي آئينو چيو آهي، ڪي ان کي زندگيءَ جي ترجماني تہ ڪي ماڳهين ان جو واسطو زندگيءَ سان ايترو سمجهن ئي نٿا ۽ اهي ’ادب براءِ زندگيءَ‘ بدران ’ادب براءِ ادب‘ واري متي کي ٿا مڃين.

ريٽا وٽ جيون ”ڄمر کان موت تائين ڦهليل انسان جي عمر جو اهو وقت آهي جيڪو هو هن دنيا ۾ گذاري ٿو، ان ڪري ساهت ان جو حصو آهي، ان حساب سان جيون وڏو آهي ۽ ساهت کي پاڻ ۾ سمائي ٿو.“

اسين جڏهن ان نقطہ نظر کي پرکيون ٿا تہ ساڻس سهمت نٿا ٿيون، ڇو تہ



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

زندگي محض انسان جي ڄمڻ کان مرڻ تائين جي وقفي يا دور جو نالو ناهي. زندگي ته ان سموري مانداڻ جو نالو آهي جيڪو هڪ ليکڪ جي چوڌاري پکڙيو پيو آهي، ان ۾ سمورو سماج، ان جو ڪلچر، ان جا رويا، ان جي هر هڪ فرد جو ڪردار اچي وڃي ٿو، داخلي ۽ خارجي، شخصي ۽ معروضي.

ساڳئي ليک ۾ ريتا اڳتي لکي ٿي: ”ساهت ۾ به جيون آهي. ساهت جيون جي مختلف گهٽنائن کي پاڻ ۾ سمائي ٿو. ساهت جيون سان لاڳاپو رکندڙ ڪنهن به پهلوءَ کي ڪٺي سگهي ٿو. انسان جو اندريون سنسار، انسان جو ٻاهريون سنسار، سڀ ان جي دائري ۾ اچي وڃن ٿا. ساهتڪار ڇا نٿو ڪري سگهي؟ هو چاهي ته جيون کان ٻاهر وڃي سگهي ٿو... جيڪڏهن ائين سوچيو ته ساهت جو دائرو جيون کان به وشال آهي، جيتوڻيڪ ساهتڪار خود جيون جي دائري ۾ بند آهي. اهو ساهتڪار جو ئي وس آهي ته جي چاهي ته هو ساگر کي پنهنجي اندر سمائي ڇڏي، جي چاهي ته پاڻ ساگر ۾ سمائجي وڃي ۽ جي چاهي ته هو خود ساگر بڻجي پوي.“

اتي ريتا جي سوچ ۾ متضاد لهرون اڀرندي ڏسي سگهجن ٿيون.

هوءَ سوال ڪري ٿي: ”ڪير وڌيڪ مَهتو پُورڻ آهي؟ ڪير وڏو آهي ۽ ڪير ننڍو؟“ معنيٰ ته ڪير وڌيڪ اهم ۽ مڪمل آهي؟ جيون يا ساهت؟

وري پاڻ ئي ان جو جواب به ڏي ٿي: ”ان جو فيصلو ڪرڻ ڏکيو آهي. وڏو ڪير به هجي ٻنهي جا دائرا گڏگڏ هلن ٿا. ريل جي پٽڙين وانگر ۽ وقت به وقت هڪ ٻئي کي ڪراس به ڪري وڃن ٿا، پر ڪجھ به هجي، ساهت کي جيون سان نباهڻو به پوي ٿو. ساهت حياتيءَ کي جهٽلائي نٿو سگهي، جيون کي ڪوڙو ثابت نٿو ڪري سگهجي. سچائيءَ سان هن کي سامنو ڪرڻو پوي ٿو.“

منهنجي راءِ اها آهي ته زندگي مڪمل آهي، وڏي آهي... ادبَ ته ان جو محض ڪو هڪ يا ڪي ٿورا پهلو پاڻ ۾ سمايا آهن. ان کي زندگيءَ کان وڏو چوڻ خود زندگيءَ سان نا انصافي آهي.... ها باقي سندس اها ڳالھ صحيح آهي ته ادب/ساهت جيون کي جهٽلائي نظرانداز ڪري نٿو سگهي ۽ ڪوڙو ثابت ڪري نٿو سگهي ۽ سچ لکڻو پوي ٿو. شايد ان ڪري ئي آخر ۾ پاڻ اهو نتيجو ڪڍيو اٿس: ”ساهت جيون جو درپڻ ٿيندو آهي“ يعني ادب زندگيءَ جو آئينو ٿيندو آهي ۽ اها ڳالھ سمورا مغربي ۽ مشرقي عالم چون ٿا.





هن ڪتاب ۾ ڪجھ ادبي مضمون آهن، انهن ۾ شاعرن اديبن ۽ سندن يوگدان يا ڪيل ڪم جي حصي تي تبصرو آهي. ادبي تنقيد نظر نٿي اچي، پر محترمه ريتا شهاڻيءَ وٽ نقاد واري اک نه هجي ها ته هوءَ اهي مضمون ان ريت نه لکي سگهي ها.

هن ڪتاب ۾ جيڪي مختلف موضوعن تي 27 مضمون، تاثر ۽ تبصرا لکيل آهن، انهن ۾ ڪي آهن:

پروفيسر منگهارام ملڪاڻيءَ جي پريوار جو پس منظر-اهو شخصي تجربن، مشاهدن يا يادگيرين وارو مضمون آهي.

شاهه لطيف جي شاعري، 20 صديءَ جي عورتن جي آزاديءَ جي تحريڪ Woman's Lib سان لاڳاپو- هن مضمون ۾ شاهه جي ڪن سورمين جي ڪردارن سان لاڳو خوبين کي ڪٺي اڄ جي دور سان لاڳو ڪيو ويو آهي. ان قسم جا اڀياس شاهه جي feminist پهلوءَ کي اجاگر ڪرڻ لاءِ هند سنڌ ۾ اڪثر ٿيندا رهيا آهن.

شاعراڻو سچ- دلگير صاحب- هي هري دلگير صاحب بابت سندس تاثر آهي، جنهن لاءِ پاڻ لکيو اٿس: ”هن ليک جي مراد هري دلگير جي سمالوچنا (تنقيد) يا تورتڪ ڪرڻ ناهي، پر ٻين ڳالهين ٻڌائڻ سان گڏ سندس شاعريءَ جي باري ۾ ڪجھ چوڻ ۽ مثال پيش ڪرڻ واجب سمجهان ٿي.“

ترجمي دوران ساهت ۾ ڏي وٺ- هي تنقيد نه، پر سنڌي ادب ۾ ٿيل ترجمي بابت هڪ بيان آهي.

ساهتيه دوران سنڌي ورثي جو ورٿن

سنڌي ڪهاڻي ايڪيهين صديءَ ۾

پارس پٿاريو پاڻ- شيخ اياز جي هند ياترا بابت يادگيريون.

اهي ادبي موضوع وارا مضمون آهن، جيڪي اڳ ۾ مٿي ذڪر ڪيل ڪتاب ۾ به آهن. اهي تنقيدي هرگز ناهن.

جنهن ڪتاب کي آءٌ ڪنهن حد تائين ادبي تنقيد جو ڪتاب مڃان ٿي، اهو آهي 'لپ پر مهراڻ' جيڪو 80 جي ڏهاڪي ۾ لکيل ڪن مضمونن جو مجموعو آهي، جيڪو 90 جي ڏهاڪي ۾ ڇپيو. هن ڪتاب جو پهريون مضمون آغا سليم جي ناول 'همہ اوست' تي لکيل آهي. هوءَ آغا سليم جي فن، فڪر، اسٽائيل ۽ فلسفي جي تحسين ڪري ٿي، پر گڏوگڏ هوءَ ناول جي ماحول، ڪردارن بابت پنهنجو رايو لکي ٿي

۽ ان جي اسٽائيل بابت چوي ٿي: "ڌرم- سنبنڌي، درشن شاستر جي ڪچهرين، واد وواد واري گفتگوءَ سان هي ڪتاب مالا مال آهي." يعني مذهب سان لاڳاپيل فلاسفيءَ جي ڪچهرين، بحث مباحثي واري گفتگوءَ سان هي ڪتاب مالا مال آهي.

ناول ۾ آغا سليم هڪ هنڌ لکيو آهي: "بن باس ۾ رام، سيتا جي چوڌاري ليڪو ڪڍي ڇڏيو هو ته ان ليڪي کان ٻاهر نه نڪرجان. . . هر عورت جي چوڌاري ليڪو نڪتل آهي ۽ ان ليڪي کان ٻاهر سماج جو راوڻ آهي."

ان ڏس ۾ تنقيد ڪندي ريتا لکي ٿي: "آغا سليم هڪ ڀل ڪئي آهي. لِيڪو رام نه، لڇمڻ ڪڍيو هو، ان ڪري ئي ان ليڪي کي 'لڇمڻ ريکا' ڪري سڏيو ويندو آهي. ان غلطيءَ کي هن ناول جي ٻئي ڇاپي ۾ درست ڪري ته بهتر." هن ناول بابت پڇاڙيءَ ۾ مجموعي رايو هيئن ڏنو اٿس: "مون کي همه اوست بيحد متاثر ڪيو آهي. هيءُ ڪتاب ڪنهن به انگريزي معياري ڪتاب کان گهٽ ناهي، تواريخ جي تاريخن ۾ اختلاف ٿي سگهي ٿو. خيالن ۾ به متڀيد ٿي سگهي ٿو، پر اهو مان وشواس سان چئي ٿي سگهان ته آغا سليم هن ناول ۾ موضوع، عبارت ۽ ٻوليءَ سان خوب نباهيو آهي."

ٻيو مضمون 'پروفيسر منگهارام ملڪاڻيءَ جو سنڌي ناٽڪ نويسيءَ ۾ يوگدان ۽ سندس شخصيت' آهي. اهو تنقيدي مضمون ڪونهي، بلڪ ملڪاڻي صاحب جي هن ڏس ۾ ڪيل خدمتن جو وچور آهي.

ٽيون مضمون ذوالفقار سيال جي ڪتاب 'ڳاڙها هٿ، پيلا چهرا' جي باري ۾ تبصرو آهي، جنهن ۾ ذوالفقار جي شاعريءَ ۾ آشا ۽ نراشا يعني اميد ۽ مايوسيءَ جي لاڙن تي لکيو اٿس. سندس شاعريءَ ۾ موجود اصطلاحن ۽ صنعت تضاد سان پيدا ٿيل خوبيءَ کي ساراهيو اٿس، جيئن: 'ڪوهيڙي جي ڏند ۾ ٽانڊاٽا'، 'طوفانن ۾ چانڊوڪيون'، 'درياهه جي ڇولين مٿان مڇ' وغيره. ائين هوءَ شاعر جي ڊِڪشن تي راءِ لکي ٿي.

ان ڪانپوءِ مريم مجيديءَ جي ڪتاب 'سَرَوَم دکم دکم' تي لکيل سندس تبصرو آهي، جيڪو گهڻي قدر تنقيدي معيارن تي پورو آهي. هن مضمون ۾ چوي ٿي: "حالانڪ ان حرف نفي شده (negative) عنوان 'دکم دکم' وارو پستڪ دل جي ناڪاري جذبن، سور، رنج، پيڙا، مجبوري، وياڪلتا، بغاوت، سان پر تمام آهي، ته به انهن دل کي ڇهڻ وارن شعرن کي پڙهي مستيءَ جي هڪ عجيب ڪيفيت طاري ٿي ٿي وڃي."





مريم مجيديءَ جي شاعريءَ جي مختلف رخن تي نظر وجهڻ ڪانپوءِ لکي ٿي: "جيترو سور شاعره جي پيار، ويراڳ، دک ۽ وياڪلتا سان ٽمٽار شعرن ۾ آهي، اوترو ئي درد مردن جي خلاف اٿاريل للڪار توڙي قومي نغمن ۾ به آهي."

هوءَ مريم جي شاعريءَ جي عروض، وزن بحر تي به راءِ ڏي ٿي، لکي ٿي: "هن نئين ڪويتا واري يگ ۾ مريم جون غزلون، نظمون ۽ بيت علم عروض جي قاعدي تي پڪا پختا ٻڌل آهن. گهڻو تڻو فعلن فعلن فاعلن فاعلن ۽ فاعلاتن فاعلاتن وارا سولا وزن ڪتب آندل آهن."

هتي غزل ۽ نظم کي مؤنث ڪري لکيو ويو آهي، جيڪا ڳالهه سنڌ ۾ به ڪيترا ليکڪ ڪندا آهن. ان ڪانپوءِ پنجين مضمون جو موضوع پشپا ولڀ جي ڪتاب 'دريءَ کان ٻاهر' بابت آهي. ان ليک جي شروعات ۾ هوءَ پنهنجي دور (اسي- نوي جي ڏهاڪي) جي شعري روايت بابت هيءَ راءِ ڏئي ٿي: "هيءُ آزاد نظم ۽ نئين ڪويتا جو دور آهي. دنيا جي سيني ٻولين توڙي ڀارت جي ڀاشائن- راشٽر ڀاشا هنديءَ سميت، شاعري نئين ڪويتا جي روپ ۾ وڌيڪ پاڙ موڪي رهي آهي. ڇند جي بند ۽ علم عروض جي زنجيرن کي ٽوڙي، شاعريءَ آزادي حاصل ڪئي آهي، هاڻي هوءَ ري پابنديءَ، ري وگهن، اونهي سوچ ۽ شبدن جي شلپ سان، نوان دل ڇهڻ وارا جذبا اٿاري سگهڻ ۾ ڪامياب ٿي سگهي آهي. ان نئين شاعريءَ جا پهريان شرط آهن: خيالن جي گهرائيءَ سان گڏ نون ۽ ٽورن تز شبدن ۾ گهڻو ڪجهه چئي سگهڻ جو سگهارو انداز."

پوءِ وري هوءَ پشپا جي شاعريءَ کي ان پيماني تي پرکيندي لکي ٿي: "پشپا جو انداز نئون ۽ وشيه (موضوع) نرالا آهن." 'دريءَ کان ٻاهر' ڪوتا سنگرهه (مجموعي) اهو ثابت ڪري ڏيکاريو آهي ته استري شاعرا جا ويچار، سندس وانگر ئي نرم، نازڪ، چاشنيءَ وانگيان مٺر ۽ رسيلا هوندي به پختا ۽ مضبوط ٿي سگهن ٿا، پر پشپا جا خيال سک درسيءَ کان وڌيڪ دک درسي آهن." اڳتي لکي ٿي: "پشپا جي رچنائن مان سندس باريڪ بيني ۽ سوکيم درشٽيءَ (نفيس مشاهدي) جو درشن (ديدار) ملي ٿو."

ان ڪانپوءِ واري مضمون ۾ هن آغا سليم جي شاعريءَ جي ڪتاب 'پَن ڇڻ ۽ چنڊ' تي تبصرو ڪيو آهي. هوءَ آغا سليم جي شاعريءَ جي متن تي ڏاڍو سهڻو تبصرو ڪري آخر ۾ ساڻس هنن لفظن ۾ اختلاف ڪري ٿي: "نظم 'يوليسز' مون کي آغا

سليم جي ڪهاڻي 'نيٺ بهار آيو' جي يادگيري ڏيارائي، جنهن ۾ پڻ ساڳيو خيال نظر اچي ٿو. غريبَ، اڻپڙهيلَ، معصوم، سچار ۽ وفادار آهن، جڏهن ڪ اميرَ پڙهيل ڳڙهيل، شهري، تهذيب يافته طبقي وارا انسان خود غرض، بيوفا ۽ بي حس ٿيندا آهن. اتي مان شاعر سان متفق راءِ ناهيان. غريبيءَ کي گلوريفاءِ ڪرڻ، اميريءَ کي حقارت ڀري نظر سان ڏسڻ ڪيتري قدر جائز آهي! امير شخص کي ٻه اوترو ئي جذباتي، باوفا ۽ نازڪ خيال ٿيڻ جو اڌيڪار آهي، جيترو غريبَ کي بيوفا ۽ خود غرض ٿيڻ جو. ان معاملي ۾ ٻه مان انساني سڀاءَ کي مالي نقط نگاهه کان تقسيم ڪري ٽڪرا ٽڪرا ڪري جنرلائيز ڪرڻ جي فائدي ۾ ناهيان. انسان جون وفائون، ڀگن، زربختن جي حملن کان مٿيرو آهن، انهن کي وقت يا ناڻو چوٽ رسائي ڪونه سگهندو آهي. اهي جيئن آهن تيئن آهن، اُجر ۽ امر! اهو منهنجو پنهنجو وشواس آهي."

هن تجزيي ۾ هوءَ انسان کي طبقن ۾ ورهائي ۽ سندس فطرت، سڀاءَ ۽ انساني خصلتن کي طبقن جي تابع ڪرڻ ۽ ڪنهن عمومي راءِ قائم ڪرڻ جي خلاف ڏاڍو فلسفياڻو نڪتو پيش ڪري ٿي ۽ ليکڪ طرفان ائين ڪرڻ پنيان سوشلسٽن جي طرفان اڪثر ڪيل generalization ڏانهن اشارو ڪري ٿي. ان ڪري آغا سليم جي شاعريءَ بابت آخر ۾ لکي ٿي: "پر ... آغا سليم جي شاعريءَ ۾ سوشلسٽڪ پئٽرن کان وڌيڪ سندس رومانٽڪ پهلو پر اثر لڳو ۽ ان جي جماليات پڻ موهيو آهي."

هن ڪتاب ۾ سندس آخري تنقيدي ليک 'شاعريءَ جي شاعراڻي ڪَٿ' (Poetic Value) نالي آهي، جنهن ۾ هن شاعريءَ جي وصف ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي آهي ۽ وردس ورٿ، ڪيٽس، شيلي ۽ مختلف شاعرن ۽ نقادن جا شاعريءَ جي ڪٿ بابت ويچار ورجائي پنهنجو ويچار پيش ڪيو آهي. هن جو پنهنجو خيال آهي: "سچو شاعر جڏهن لکڻ شروع ڪري ٿو ته ان وقت ڪيس ڄاڻ ناهي ته هو ڇا لکڻ وارو آهي، هن جي هٿ ۾ شاعري ناهي هو، شاعريءَ جي هٿ ۾ آهي."

هن ليک ۾ هن شاعريءَ جي اسٽائيل ۽ زندگيءَ ۽ شاعريءَ ۾ فرق تي ٻه ويچار ونديا آهن. سندس خيال ۾: "زندگي حقيقت آهي شاعري ڪلپنا، پر ٻنهي ۾ هڪ ٻئي سان اندريون گُپت (ڳجهو) سنٻنڌ آهي ڇو جو جيڪي شاعر جي ذهن ۾ آهي اهو سڀ دنيا سان ئي لاڳاپو رکي ٿو... زندگي ۽ ڪويتا هڪ ئي شيءِ جا ٻه روپ آهن، هڪ ئي سڪي جا ٻه پاسا."





هاڻي توهان ڏسو ته سندس ڪتاب جو تعارفي ليک 'جيون ۽ ساهت' وارو سچو مفهوم ڇڻ ته هنن سٽن ۾ سمائجي ويو آهي ته زندگي ۽ ادب، جيون ۽ ساهت/ ڪويتا هڪ ئي شيءِ جا ٻه روپ آهن، هڪ ئي سڪي جا ٻه پاسا.

آخر ۾ اهو چئي سگهجي ٿو ته سرڳواسي ليکڪا ريتا شهاڻي سنڌي ٻوليءَ کي 35 جي لڳ ڀڳ ڪتاب ڏئي ان جي جهولي ڀرڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ سنڌي ادب جي دامن کي وسيع بنائڻ ۾ پنهنجو ڳٽپ جو ڳو حصو يا سندس لفظن ۾ 'يوگيه يوگدان' ڏنو، ان ڪري هوءَ هند سنڌ جي ادبي اتهاس ۾ سدائين ياد رهندي.

## مددي ڪتاب


1. شهاڻي، ريتا، 'لپ پر مهراڻ'، سهڻي پبليڪيشن، جئپور، 1997ع.
2. شهاڻي، ريتا، 'جيون ۽ ساهت'فرينرس سرڪل پوني مان 2001ع.
3. شهاڻي، ريتا، 'آڪاش گنگا'جئپور، 2013ع.
4. فهميده حسين، ڊاڪٽر، 'ادبي تنقيد، فن ۽ تاريخ'،روشني پبليڪيشن، حيدرآباد، 2012ع.


**نوٽ:** شاهه عبداللطيف ڀٽائي چيئر پاران 'سندري اتم چنداڻي، هريش واسواڻي ۽ ريتا شهاڻي' جي لاءِ منعقد ڪيل تعزيتي/ ادبي ريفرنس ۾ پيش ڪيل مقالو.